# ٿل ڪينال ۽ ڪجھ حقيقتون

مشتاق راڄپر

مشرف حڪومت ڪالاباغ ڊيم ۽ ڀاشا ڊيم جو معاملو اٿاري گريٽر ٿل ڪينال خلاف هلندڙ سنڌ جي جدوجهد کي نظرانداز ڪري ڇڏڻ ته ان ڪينال کي ڦٻائڻ ۽ هضم ڪرڻ جو مقصد عملن حاصل ڪري ورتو آهي. ظاهر آهي ته ملڪ جو سڄو اقتدار ۽ وسيلا گذريل سٺ سالن کان سنڌن هٿ جي تري تي رکيل آهن، عوامي تحريڪن ۽ جدوجهدن ڪين ڪمزور ته ڪيو آهي، پر جهڪايو نه آهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي مظلوم عوام جي پاڻيءَ مٿان ٿل ڪينال وارو لڱل ڌاڙو حڪمران هضم ڪرڻ لاءِ ان کان به وڌيڪ خطرناڪ معاملا اٿارڻ جهڙيون حڪمت عمليون ڪري رهيا آهن.

اڄوڪي پاڪستان جي Power Structure ۾ سنڌي ماڻهو ڪٿي به نظر نٿو اچي، شايد هڪ ڏينهن لاءِ سنڌ جي مفادن جي ڳالهه سمجهندڙ ۽ ڪندڙن مان ڪو هڪ ماڻهو به اقتداري فيصلاساز مشينريءَ جو حصو نه رهيو آهي. تڏهن ئي نه نه صرف سنڌ جو ماڻهو غربت ۽ مفلسي ۾ زندگي بسر ڪري رهيو آهي، پر سنڌس قدرتي وسيلن تي ٻين صوبن جي ماڻهن جو قبضو آهي، اسان وٽ جيڪي صنعتون آهن جيڪي سرڪاري ادارا آهن تن ۾ سنڌي ماڻهن لاءِ ڪا جاءِ نه آهي، ڇو ته پاڪستان ٺهڻ کان وٺي سنڌين کان سنڌن صوبي مٿان حق حڪمراني کسيو ويو، مسلسل فوجي حڪومتن جي ڪري نه ملڪ ۾ جمهوريت کي هلڻ ڏنو ويو ۽ نه ئي آئين ۽ قانون جي بالادستي قائم ٿي سگهي.

فوجي جنرلن ۽ سنڌن سياسي ڪمدارن پنهنجا پيءُ پيري هڪڙن مخصوص حلقن ۽ گروهن کي پئي فائدا ڏنا آهن، نتيجي ۾ اڄ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ مافيائن جو ڪنٽرول آهي، کهڙو ادارو، شعبو، ڪاروبار ۽ ڌنڌو آهي، جتي گينگسٽرس ۽ مافيائون نه وينيون هجن. اڄ اسين جيڪو به سهون پيا، جن به بيوسين ۽ محرومين جو شڪار آهيون، سو سڀ نتيجو آهي ان موجوده طاقت جي ڍانچي Power Structure جو جيڪو سالن کان پئي پليو، وڌيو ۽ سگهارو ٿيو آهي.

پنهنجي سرشت ۾ غيرجمهوري ۽ لاتعلق Indifferent هجڻ جي ڪري لکين سنڌي عوام جي احتجاجي ۽ اختلافي آوازن جو ڪوبہ نوٽيس نہ ٿو ورتو وڃي، پر سنڌ جي جمهوري، سياسي تحريڪ جي سرفروش ڪارڪنن کي پنهنجي ڪيس ۾ وقت جي نہ صرف مڪمل ڄاڻ رکڻ گهرجي، پر ٻين ساٿين ۽ عوام جي وڏي اڪثريت کي پڻ ڄاڻ ۽ علم ڏيندو رهجي تہ اسان سان ڇا ڇا ٿيو آهي؟

موجوده جنرل مشرف جيڪو عالمي توڙي ملڪي ميڊيا جو "تمام پيارو" ۽ "مشهور" سمجهيو ويندو هو، تنهنجي اصليت هاڻ پڌري ٿي رهي آهي، هاڻي عالمي ميڊيا مشرف جي پاليسين ۽ ڳالهين کي "نسورو سچ" مڃڻ لاءِ تيار ناهي، ان بظاهر Soft-Spoken جنرل سنڌ جي مٿان ٿل ڪينال جهڙو تباهہ ڪن منصوبو مڙهيو، مشرف جيترو ڏوهہ ملڪ جو آئين ٽوڙڻ ۽ غيرجمهوري حڪومت قائم ڪرڻ جو ڪيو آهي. ان ڪان بہ وڌيڪ تباهہ ڪن فيصلو ٿل ڪينال ناهڻ جو ڪيو آهي. گريٽر فلڊ ٿل ڪينال سنڌ لاءِ ڇو تباهہ ڪن آهي ۽ ڪيئن سنڌو درياءَ مٿان هڪ ڌاڙو آهي. ان لاءِ اچو تہ ٿورو پسمنظر ۾ هلون.

هي منصوبو واپڊا جي چوڻ تي وفاقي سرڪار ناهي رهي آهي، جنهن تي هڪ اندازي مطابق 30 ارب روپيا خرچ ٿيندو.

هن منصوبي تي عمل واپڊا ڪرائي رهي آهي، جنهن ۾ 90 سيڪڙو آفيسر پنجاب سان تعلق رکندڙ آهن.

هن منصوبي جو فائدو رڳو ئي رڳو پنجاب کي ٿيندو، ٻئي ڪنهن بہ صوبي کي ڪو فائدو نہ ٿيندو ۽ جڏهن تہ ڪينال وفاقي حڪومت پنهنجن فنڊز مان ناهي رهي آهي، ٻين لفظن ۾ تہ وفاقي پئسا جيڪي سمورن صوبن جا گڏيل آهن اهي صرف پنجاب تي خرچ ڪيا پيا وڃن.

چيو پيو وڃي تہ ٿل ڪينال جون 2008ع تائين نهي مڪمل ٿي ويندو.

ٿل ڪينال جو پاڻي پنجاب جي بکر، ليا، خشاب ۽ جهنگ ضلعن کي ملندو.

ياد رهي تہ هي منصوبو ڀٽي صاحب جي دورِ حڪومت ۾ 1975ع ۾ قومي اقتصادي ڪائونسل (ECNEC) جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ گريٽر ٿل ڪينال جي نالي سان رد ڪيو ويو هو.

هي ڪينال چشمہ جهلم لنڪ ڪينال مان ادي ڪوٽ وٽان نڪرندو جتان منهن اڳ ئي نڪتل آهي.

هتي توهان کي اها بہ خبر هجي تہ چشمہ جهلم لنڪ ڪينال کي صرف ٻوڏ جي موسم ۾ وهڻو آهي، پر ان جي برعڪس هي ڪينال سڄو سال وهي ٿو، اهو

ڪينال اصل ۾ سيني صوبن جو گڏيل ڪينال آهي، پر ان مٿان اڪيلي پنجاب جو قبضو آهي. جيڪو ٻين صوبن جي مفادن ۽ حقن کي نظرانداز ڪندي فقط پنهنجي مفاد لاءِ وهائي رهيو آهي.

ٿل ڪينال لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ان تي 20 لک ايڪڙ زمين آباد ڪئي ويندي.

پر حيرت جي ڳالھ اها آهي تہ هن منصوبي جون فزيبلٽي رپورٽون بہ اڳوات تيار نہ ڪيون ويون، يعني جيئن عام طور تي ڪنهن بہ ترقياتي منصوبي لاءِ (پي سي ون) ۽ (پي سي ٽو) جوڙبيون آهن، تفصيل جمع ڪبا آهن، اهڙيون قانوني ضرورتون بہ پوريون ڪرڻ جي ضرورت ئي نہ محسوس ڪئي ويئي.

اهو بہ ياد رهي تہ پاڪستان نهڻ ڪانپوءِ ملڪ ۾ پاڻي جي ورڇ جو صرف هڪڙو معاهدو ٿيو آهي. سو معاهدو 1991ع ۾ ٿيو جنهن کي سنڌ جي ماڻهن رد ڪيو هو، ڄام صادق علي جي حڪومت ۾ ٿيل ان معاهدي ۾ هن ٿل ڪينال جو ڪوبہ ذڪر نہ آهي، پر مشرف حڪومت اهو چئي هن منصوبي کي جائز قرار ڏنو تہ پنجاب پنهنجي حصي جي پاڻيءَ مان اهو ڪينال وهائيندو ۽ وري چيو ويو تہ جون ۽ سيپٽمبر جي مهينن دوران ايندڙ ٻوڏن جو پاڻي ان ڪينال ۾ ويندو. اهو فرض ڪيو ويو آهي تہ جون ۽ سيپٽمبر جي مهينن ۾ ٻوڏ جو پاڻي 26 کان 38 هزار ڪيوسڪ ضرور ايندو ۽ باقي رهيل 47 کان 58 هزار ڪيوسڪ پاڻي پنجاب پنهنجي حصي جو هن ڪينال ۾ ڇڏيندو.

هتي اهو بہ فرض ڪيو ويو آهي، تہ ٻوڏ جا مهينا جون کان سيپٽمبر آهن، جيڪا ڳالھ صحيح نہ آهي ڇو تہ گذريل سالن جو رڪارڊ (1995ع کان 2003ع تائين) ٻڌائي ٿو تہ ڪوٽڙي کان هيٺ جون ۽ سيپٽمبر جي مهيني ۾ ٻوڏ جو پاڻي نہ وهيو آهي، ائين ضرور آهي تہ ڪجھ سالن ۾ ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ جولاءِ ۽ آگسٽ جي ڪجھ ڏينهن ۾ پاڻي وهيو آهي پر سي بہ مهيني جا ڪجھ ڏينهن 31 ئي تاريخون نہ وهيو آهي.

هتي اهو بہ ياد ڪرڻ گهرجي تہ پنجاب ان ڪينال ناهڻ لاءِ پاڪستان نهڻ کان اڳ ڪوششون ڪندو رهيو آهي، اها ڳالھ رڪارڊ تي آهي تہ گذريل صديءَ جي شروعات ۾ بہ پيرا پنجاب جي حڪومت انگريز سرڪار کي اهو ڪينال ناهڻ لاءِ زور ڀريو هو، يعني 1923ع ۽ 1934ع ۾ پنجاب جي تجويزن کي انگريز گورنر جنرل هينئين سببن جي ڪري رد ڪيو هو.

1 ـ اهو علائقو بيڪار زمين تي ٻڌل آهي، جنهن مان ڪوبہ فصل نہ ٿيندو.

2 ـ ان ڪينال مان درياءَ جي چوڙ واري علائقي سنڌ کي سخت نقصان پهچندو.

پٽي صاحب جي دور حڪومت ۾، ان منصوبي کي ٻيهر قومي اقتصادي ڪائونسل جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ 19 آگسٽ 1975ع ۾ آندو ويو، پر ٻيهر رد ڪيو ويو. اصل ۾ اهو ٿل ڪينال ڪالاباغ ڊيم سان ڳنڍيل گڏيل ايريگيشن منصوبن جو حصو هو، جنهن کي ڪالاباغ ڊيم رائيٽ بينڪ ڪينال، ليفٽ بينڪ ڪينال، سي آر سي وي ۽ سي جي لنڪ ڪينال انهن سڀني تي ڪالاباغ ڊيم ڪانپوءِ عمل ٿيڻو هو، پر قومي اقتصادي ڪائونسل جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي انهن منصوبن کي هميشه لاءِ رد ڪري ڇڏيو، جنهن ڪانپوءِ مسلسل ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن، جنهن کي سنڌ سميت ٽنهي صوبن رد ڪري ڇڏيو آهي.

پر جيئن ته ڪالاباغ ڊيم کي رد ڪيو ويو، تنهن ڪري ان ساڳئي علائقي ۾ ٻين نالن سان نون منصوبن جي ٺاهڻ جون سازشون ۽ ڪوششون جاري رهنديون ۽ ساري آهن، جن جو ڪم ۽ مقصد اهو ساڳيو ڪالاباغ ڊيم ۽ گريٽر ٿل ڪينال وارو آهي.

جڏهن ٿل فلڊ ڪينال جي منصوبي کي منظوري لاءِ ارسا ۾ پيش ڪيو ويو ته اتي سنڌ جي نمائندي جي مخالف ووٽ جي باوجود ڪينال جي منظوري ڏني وئي، حالانڪ ارسا ۾ فيصلا اڪثريت راءِ بجاءِ گڏيل راءِ سان ٿيندا آهن پر ان نقطي جي خلاف ورزي ڪئي وئي. ٿل ڪينال تي بلوچستان کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪيس ڪچي ڪينال جو آسرو ڏنو ويو، ته ان ذريعي سندس سبي ۽ ڪڇ جي زمين آباد ڪرائي ويندي. پر ڇا بلوچستان اهو نه ٿو سمجهي ته ڪچي ڪينال جو وڏو حصو پنجاب جي اندر هوندو، پوءِ آخر ۾ ڪيترو پاڻي بلوچستان لاءِ بچندو، جيڪي ماڻهو هن ملڪ جو ماضي سمجهن ٿا سي ڄاڻين ٿا ته بلوچستان جي اکين ۾ ڌوڙ وڌي وئي آهي ۽ درحقيقت هي ڪچي ڪينال به پنجاب جي ترقي جو منصوبو آهي.

1991ع واري پاڻي جي معاهدي جو جائزو وٺبو ته ان ۾ پاڻيءَ جي موجودگي 117 ملين ايڪڙ فوٽ ظاهر ڪئي وئي آهي، 117 ايم اي ايف جا انگ اکر 1991ع جي معاهدي کان اڳ جا آهن ۽ بدنيتي جي ڳالهه هي آهي ته 1991ع کان اڳ وارا سمورا دستاويز ۽ ڪاغذ سنڌ سيڪريٽ ۽ واپڊا مان تباهه ڪري غائب ڪيا ويا آهن ته جيئن اصليت جي خبر نه پوي. جڏهن 1980ع جي ڏهاڪي جي شروعاتي سالن واري رڪارڊ موجب پاڻي 105 ملين ايڪڙ فوٽ موجود هو، يعني اضافي 12 ايم اي

ايف جيڪو ورهايو ويو آهي، اهو پاڻي موجود ئي نہ آهي. تنهن مان ظاهر آهي تہ جڏهن پنجاب اهو چوي ٿو تہ هو پنهنجي حصي جو پاڻي ڪٽي رهيو آهي تہ اهو ڪوڙ آهي ڇو تہ اهو پاڻي موجود ئي نہ آهي. ان جائزي مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ سالانہ پاڻيءَ جي ڪوٽ 9 سيڪڙو تہ هر حالت ۾ موجود آهي، ڇو تہ 1991ع واري پاڻي معاهدي وارا انگ اکر ئي ڪوڙا آهن، پر پوءِ ٿل فلڊ ڪينال لاءِ پنجاب پنهنجي حصي مان 47 کان 58 هزار ڪيوسڪ پاڻي ڪيئن ڪٽندو؟ پاڻيءَ جي اڳ ئي موجود ڪوٽ جو مثال 2000ع ۽ 2001ع جي انگ اکرن تي غور ڪيو. خريف ۾ ڪوٽ رهي 57 سيڪڙو ۽ ربيع ۾ رهي 29 سيڪڙو. ٿل ڪينال جي منصوبي جي (پي سي هڪ) اهو ٻڌائي ئي نہ ٿي تہ جون کان سيپٽمبر جي ڇئن مهينن ۾ ٻوڏ جي پاڻيءَ جا انگ اکر ڪهڙا آهن؟ جنهن مان پنجاب 27 کان 38 هزار ڪيوسڪ پاڻي ڪٽڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي. اصل ۾ ڇا آهي تہ ڪوٽڙي کان هيٺ جون توڙي سيپٽمبر ۾ ٻوڏ جو پاڻي وهي ئي نہ ٿو تہ انگ اکر ڪٿان اچن سواءِ ڏهن سالن ۾ هڪڙو دفعو جون جي پهرين هفتي ۽ سيپٽمبر جي آخري هفتي جي.

ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻي ڇڏڻ جو مقدار 1959ع ۾ عالمي بينڪ هندستان ۽ پاڪستان سان ڳالهين ڪانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ ٽي هزار ڪيوسڪس پاڻي سڀ مهينا وهائڻ تي اتفاق ڪرايو هو. جڏهن تہ ان کان علاوه ٻوڏن جو پاڻي بنا روڪ جي الڳ وهندو رهندو، پر ان اتفاق ۽ معاهدي تي سڄو سال عمل نہ ٿو ٿئي، سنڌ جو موقف اهو هو تہ ڪنهن بہ مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ اهو مقرر ٿيل پاڻي 3 هزار ڪيوسڪس وهڻ گهرجي.

ٿل ڪينال جي حوالي سان هڪ ٻي ڳالهہ بہ آئين جي خلاف ٿي اها هي تہ جنهن طرح سان هن منصوبي جي منظوري ڏياري ويئي اهو ترقياتي منصوبن جي آئيني طريقي جي خلاف هو. مثلن قانوني طريقو هي هو تہ پاڻي ۽ بجليءَ جي وزارت هن منصوبي جي پهريان فزيبلٽي رپورٽ تيار ڪرائي ها، جيڪا (پي سي هڪ) کان بہ اول هجي ها، پر ائين نہ ڪيو ويو ۽ ان جي ابتڙ سي ڊي ڊبليو پي (Central Development Working Party) اهو منصوبو قومي اقتصادي ڪائونسل جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي (ECNEC) ڏانهن ڪٽي ويئي، اهو سڄو طريقو غيرقانوني ۽ آئين جي خلاف آهي پر ان ڳالهہ کان وڌيڪ غيرآئيني ڳالهہ اها ٿي جو ٿل ڪينال جو ڪم تہ شروع ڪيو ويو ۽ ايڪنيڪ (ECNEC) کان هڪ سال بعد منظوري ورتي وئي. (ياد رهي تہ سنڌ جي ٽڏهوڪي ناٽي واري وزير حفيظ شيخ ٿل ڪينال جي منظوري تي صحيح ڪئي هئي.) ان کان اڳ سنڌ حڪومت سرڪاري طرح ان

منصوبي جي مخالفت ڪري چڪي هئي. 24 فيبروري 2002ع تي رات جو دير سان سنڌ حڪومت کي خط مليو ته 26 فيبروري تي ايڪنيڪ (ECNEC) جو اجلاس رکيو ويو آهي، جنهن جي ايجنڊا ٿل ڪينال هوندي. ايتري ٿوري وقت ۾ سنڌ جي نمائندي کي اجلاس جي تياري ڪرڻ ۽ پنهنجو ڪيس ناهڻ جو ٽائيم ئي نه مليو، ٻين لفظن ۾ ته اڳواٽ تياري ڪرڻ جو وقت ڄاڻي واڻي نه ڏنو ويو. گڏجاڻي جي نوَ ڏينهن بعد سنڌ حڪومت پنهنجا اعتراض 7 مارچ 2002ع تي وفاق ڏانهن ڏياري موڪليا ۽ پنهنجو احتجاجي نوٽ رڪارڊ ڪرايو. سنڌ پنهنجي احتجاج ۾ صاف صاف لکيو ته، "جيڪڏهن اهو ڪينال ناهيو ويو ته ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻيءَ جو ڦڙو به نه وهندو، جنهن ڪري سماجي ۽ معاشي مسئلا پيدا ٿيندا، سامونڊي آبحيات ختم ٿي ويندي."

پر انهن اعتراضن جي باوجود ٿل ڪينال جو ترقياتي ڪم تيزي سان هلي رهيو آهي ۽ جڏهن نهي پورو ٿيندو (2008ع تائين) چشمه جهلم لنڪ ڪينال مان پاڻي ڪٽندو اهو پاڻي هڪ لک ڪيوسڪ تائين هوندو.

سنڌ جي پاڻيءَ تي ايڏو وڏو ڌاڙو اسان سمورن جي اکين آڏو هنيو پيو وڃي، جنهن تي مسلسل جدوجهد ۽ احتجاج جي ضرورت آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته ٿل ڪينال جي سنڌ مٿان تباهه ڪن اثرن بابت ماڻهن کي ڄاڻ ڏني وڃي، ڇو ته ڄاڻ ۽ سمجهه بنا، شعور ۽ ادراڪ بنا نه پنهنجو آئيندو بچائي سگهجي ٿو نه ئي ڊگهي جدوجهد لاءِ سماج کي تيار ڪري سگهجي ٿو.

جو دم غافل، سو دم ڪافر!

(هن مضمون لکڻ ۾ گهڻي مدد محترم ايم ايڇ پنهور جي تحريرن مان ورتي ويئي آهي، جنهن لاءِ سندس ٿورا مڃجن ٿا.)

سنڌي عوامي برقي - ڪتاب
Sindhi Awami e-Books